ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

# وينجن ۽ سُرن جو صوتياتي اڀياس

## (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ تي چند ڇاڻ )

***Abstract:***

*According to Dr. Nabi Bakhsh Baloch, the system of vowels (sur) and vowel letters (harf-e-illat) in the Sindhi language developed under the influence of Arabic. In ancient Sindhi, there may not have been vowels and long surs.*

*Whereas not only Sindhi, but no language in the world can be spoken without vowels Dr. Baloch’s discussion concerns vowel letters rather than vowel sounds. The confusion arises because modern Sindhi is written in the Arabic script, which influences how vowels are represented in writing, even though vowels sounds are inherent to the language itself. In his critique, Siraj Memon has argued that Sindhi possesses eleven vowel letters. However, this discussion reflects a degree of confusion between vowels sounds (phonetic vowels) and vowel letters (their orthographic representation).This research examines whether Dr. Baloch’s argument concerns vowel letters (ḥurūf-e-ʿillat) or vowel sounds (sur).*

### تعارف:

هيءَ تحقيق سنڌي ٻوليءَ ۾ سُر، آوازن ۽ لکيل حروف علت بابت مونجهارن بابت آهي.

### ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو دليل:

اسان جي هاڻوڪي زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ، جيئن اڳ تيئن الفاظ ' حرف صحيح' سان ٺٽيل هئا ۽ ڊگها حرف علت ( الف، و، ي) بلڪل گهٽ هئا، ڊگهن حرف علت کان سواءِ الفاظ جهڙوڪ :ٻہ، تہ، نہ، مک، نٿ، ڪڪڙ، مڪڙ، گدڙ – شايد انهيءَ تاريخي اصليت ڏانهن اشارو ڪن ٿا. لفظن جي اهڙي بيهڪ ۽ بناوت جي ماضي جي مطالعي مان پائنجي ٿو تہ عربي جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪب هئا.[(1)]

### تحقيقي سوال يا مفروضو:

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي چوڻ مطابق سنڌي ٻوليءَ ۾ حرف علت نہ هئا، پر عربيءَ جي اثر ڪري سنڌيءَ ۾ حرف علت پيدا ٿيا، ڇا ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڊگهن سُرن جي نہ هئڻ جي ڳالھ ڪري ٿو؟ وري سراج ميمڻ جو چوڻ هو تہ سنڌيءَ جا حرف علت يارنهن آهن. جن کي ثابت ڪرڻ لاءِ سراج ميمڻ، انگريزيءَ ۾ لکي مثال ڏنا هئا. پر سراج ميمڻ يارنهن سُر لکي انهن کي حرف علت قرار ڏئي ٿو. جڏهن تہ محبت ٻرڙي چوڏنهن سُر ٻڌايا آهن، انومان اهو آهي تہ عربي رسم الخط ۾ لکت جي طريقي مطابق سُرن کي اعرابن يا الف، ن ،و، ي جي ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي، پر اصل سنڌيءَ ۾ حرف علت ڪهڙا هئا. ان کان علاوه سُرن ۽ حرف علت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ ۾ حرف علت نہ هئا يا سر نہ هئا؟ مطلب تہ جهڙي طرح ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مثال ڏنا آهن اهي عربي لکت ۾ ڏيئي سمجهايو اٿس تہ آڳاٽي سنڌيءَ ۾حرف علت

شايد نہ هئا. موهن جي دڙي ڪان عربن جي دور جي وچمر لکت واري سنڌيءَ جي ڪڙي ٽٽل آهي، تنهن ڪري اهو نٿو چئي سگهجي تہ سنڌيءَ ۾ حرف علت ڪيئن لکبا هئا. ڇا ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ صحيح آهي؟ تحقيقي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا حرف علت ۽ سرن ۾ ڪو فرق آهي؟ يا ٻنهي جو ڪهڙو تعلق آهي؟ گهڻن محققن جي خيال ۾ حرف علت ۽ سُر ساڳيا آهن. پر منهنجي خيال ۾ حرف علت صرف لکڻ جو طريقو آهي، جيڪو سُرن کي ظاهر ڪري ٿو، پر سُر ڳالهائڻ جو طريقو آهي، تنهن ڪري حرف ۽ سُر ۾ فرق آهي، حرف علت معنيٰ لکت ۾ سُر پر هوبهو اهو سُر ناهي.

**تحقيق جو پس منظر:**

ٻوليءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ آوازن ۾ هڪڙا سُر ٻيا وينجن هوندا آهن. وينجن لاءِ چيو ويندو آهي، آوازي لهرن جي ڇُرپُر ۾ آوازي لنگهہ ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ جاين تي روڪ پيدا ٿئي، تہ وينجن پيدا ٿيندو. مثال: 'ب، ج، ڪ ، ف، ڊ'، هر آواز کي ڪٿي روڪ موجود آهي؟ اچاريندڙ عضوو ۽ مخرج پاڻ ۾ ڇُرپُر ڪري، آواز کي روڪي وينجن پيدا ڪن ٿا. خاص طور سان اچاريندڙ عضوا، زبان ۽ چپ ۽ جڏهن تہ مخرج عضون ۾ تارون ۽ ڏند ڪم ايندا آهن.

انگريزيءَ ۾ سُر کي وائول 'vowel' چئبو آهي، جيڪو لاطيني ٻوليءَ جي vox مان نڪتل آهي. حرف علت جي وصف هن ريت ملي ٿي.

"A vowel is speech sound made with an open vocal tract, allowing air to flow freely without blockage."[2]

محبت برڙي حرف علت جي وصف هن ريت ڏني آهي: "واوئل آواز ٻوليءَ جو اهو ٻڌڻ ۾ اچڻ جوڳو ۽ برقرار رهي سگهندڙ پڙپٽو آواز آهي، جنهن کي اچارڻ لاءِ هوا جي وهڪ ۽ ان جي لنگهہ کي وات جي ڪوپي ۾ سوڙهہ سنگهوڙ پلي ٿئي پر رنڊڪ ، جزوي يا مڪمل ، قطعي نہ ٿئي."[3]

دين محمد ڪلهوڙي جي تحقيق موجب: "سُر هڪ ڳرو آواز آهي، جنهن جي اچارڻ مهل ڦڦڙن ڪان ڌوڪي ايندڙ هوا، نڙيءَ مان لنگهي مٿي اچي، وات واري ڪوپي مان، روان لهر بنا وقفي جي صورت ۾ لنگهندي آهي."[4]

**تحقيق جو ميدان:**

مجموعي طور هي وصف سُر جي آهي، حرف علت جي نہ آهي، ڇو تہ حرف علت صرف سُر کي لکڻ جي صورت آهي، ڇو تہ سُر اکر ناهي، پر سُر اهو آواز آهي، جيڪو نڙيءَ مان نڪتل آوازي لهر، جن کي بغير رڪاوٽ وات مان ڪڍجي. سُرن جا مختلف قسم آهن:

1. اڳيون ڪليل سُر.
2. اڳيون سوڙهو سُر.
3. اڳيون اڌ سوڙهو سُر.
4. اڳيون اڌ ڪليل سُر.
5. پويون ڪليل سُر.
6. پويون سوڙهو سُر.
7. پويون اڌ سوڙهو سُر.
8. پويون اڌ ڪليل سُر.

علي نواز حاجن خان جتوئي جي مطابق، ”هڪ سُر وچولو سُر ٿيندو آهي. جنهن جو آواز ’آ‘ آهي. انهي سُر کي غير جانبدار سُر بہ چيو ويندو آهي.

سُر جي لکت واري صورت کي حرف علت چيو ويندو آهي. پر سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ سُر لکڻ هر ٻوليءَ جا الڳ الڳ طريقا آهن ۽ عربي ۾ ’سُر‘ لاءِ ’اعراب‘ ۽ ’حرف علت ا، ن ۽ و ۽ي‘ ۽ ’اعراب‘ استعمال ڪيا ويندا آهن.

سُر جو ڇيد صوتياتي جوڙجڪ مطابق هر زبان جو الڳ الڳ ٿيندو.

صوتيو معنوي فرق پيدا ڪندڙ آواز آهي، ٻولين ۾ جيترا صوتيا هوندا آهن، لازمي ناهي تہ اوترا آواز بہ هجن، آواز گهٽ وڌ ٿي سگهن ٿا، ڪٿي صوتين جا هڪ ڪان وڌيڪ آواز بہ ٿي سگهن ٿا. هر آواز صوتيو نٿو ٿي سگهي، پر عيوضي آواز ٿي سگهي ٿو. پر هر صوتيي جو آواز لازمي هوندو آهي، سنڌي جي الفابيٽ ۾ 42 وينجنن جا آواز موجود آهن، پر فروعي حرفن جا آواز ناهن. مثال: ص، ’ض، ث، ط، ظ، خ، ح، ق، ع، غ‘ آهن، سنڌيءَ ۾ ڪي نج اچار آهن، جيڪي دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ناهن. مثال: ’ٻ، ڳ، ڄ، ڃ، ڱ، ڏ، ڻ‘.“[5]

جيڪڏهن اهي اُچار، واديءَ سنڌ جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ملن ٿا تہ اهي بہ سنڌي ٻوليءَ مان ويا آهن. هاڻي سنڌيءَ ۾ جيڪي عربيءَ جا فروعي اکر کنيا ويا آهن، انهن جو صوتيو تہ آهي پر آواز ناهي. مثال سنڌي ماڻهو ’ض‘ جو اچار نٿو ڪڍي سگهي سواءِ انهن جي، جيڪي مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪندا آهن جن کي عربي آواز سيکاريا ويندا آهن. عام طور سان ’ز‘ چوندو يا وري ’د‘ چوندو، اهڙيءَ طرح اسان جو ٻهراڙيءَ جو ماڻهو ’خير‘ کي ’کير‘ چوندو. معنيٰ صوتيو تہ آهي پر آواز ناهي، چو تہ ’کير‘ چوندا تہ سمجهيو ’خير‘ ويندو. پر وري ڪٿي سنڌي جي صوتين جا ٻہ آواز بہ آهن. مثال: لاڙڪاڻي جو ماڻهو ’مڇي‘ کي ’مشي‘ چوندو، پر توهان سمجهي ويندا تہ ’مڇي‘ چوي ٿو. معنيٰ صوتيو هڪ ئي آهي پر ان جا آواز ٻہ آهن. اهڙيءَ طرح ٻهراڙيءَ جو ماڻهو ’مزوري‘ کي ’مجوري‘ چوي ٿو يا ’روزي‘ کي ’روجي‘ چوي ٿو، ’قاضي‘ کي ’ڪاجي‘ چوي ٿو. ڪٿي ’س‘ ۽ ’ش‘ کي گڏ وچڙ ڪيو وڃي ٿو مثال: ’سيخ يا شيخ‘، ’سڪينہ يا شڪينہ‘، ’گوشت يا گوشت‘، اهي آواز الڳ الڳ ضرور آهن، پر انهن جو صوتيو ڪو معنوي فرق پيدا نٿو ڪري، جنهن ڪري صوتيو هڪ ئي آهي. صوتين کان پوءِ پد ٺهڻ جو مرحلو آهي. پد ئي سنڌي ٻولي جي لهجي کي طئي ڪري ٿو. خاص طور شاعرن کي بحر ۽ وزن کي استعمال ڪرڻ لاءِ پدن کي سمجهڻو پوندو، مثال ’اسڪول‘ جيتوڻيڪ انگريزي لفظ آهي پر انگريزيءَ ۾ ان جو هڪ پد آهي پر سنڌيءَ ۾ ٻہ پد آهن. اس + ڪول، پنجابي ٻوليءَ وارو سُ+ ڪول چوندو معنيٰ پنجابيءَ جا پد الڳ آهن ۽ ٻيو مثال ڏسون ٿا، ڄام ۾ ٻہ پد ٿيندا هڪ ڄا ٻيو م . سنڌيءَ ۾ هڪ پد کان وٺي ڇهہ پدن تائين لفظ موجود آهن. جيڪڏهن پد غلط اچاريندا سين تہ لفظ جو وزن بگڙي ويندو. ٻي طرف سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيت اها آهي تہ سنڌي وينجن پنهنجي ليکي بہ گڏ اچي ڪو اچار نٿا ڏاهين پر هر وينجن کان پوءِ سُر اچي ٿو. مثال ’مان‘ هن لفظ ۾ پد تہ هڪڙو آهي پر وينجن سان گڏ سُر آيو آهي. هڪ ’م‘ ٻيو ’آن‘. گڏجي لفظ ٺهيو ’مان‘. ’صدقو‘ پد ٻہ آهن پر وينجن هڪ کان وڌيڪ آهن: ’ص + اَ ، د+ اِ ، ق + او‘. مطلب سنڌي ٻولي جي حرڪت واري خصوصيت جي عمارت انهيءَ پدن ۽ سُرن تي بيٺل آهي، جنهن ۾ ٻہ وينجن گڏ نٿا اچي سگهن. جنهن ڪري سنڌي ٻولي حرڪت واري سڏبي آهي، جنهن ۾ هر وينجن سُر سان ملائي چٽو اچاريو ويندو آهي. ڪو بہ اکر خاموش نہ هوندو آهي. هر اکر چٽو هوندو آهي . سواءِ اهي وينجن جيڪي سُرن جي نمائيندگي لاءِ استعمال ٿيا آهن.

ٻوليءَ جي ڳالهائڻ لاءِ وينجن ۽ سُر اچارڻ لاءِ انساني عضون جو مخلتف ڪم هوندو آهي. جيڪو پڻ هر ٻولي ۾ الڳ الڳ هوندو آهي. چپ، زبان سنڌيءَ ٻولي ڳالهائڻ وقت اچاريندڙ عضوا، (Articulate) عضوا آهن. پر ڪاڪڙو، تارون، آوازي

ڦڙڪا مخرج آهن ، ڪن زبانن ۾ ڪاڪڙو بہ اچاريندڙ عضوو هوندو آهي. اهو ٻوليءَ جو مزاج هوندو آهي. جنهن ڪري ڪنهن بہ ٻوليءَ جي الڳ هئڻ جي خصوصيت ظاهر ٿيندي آهي.

ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ۾ حرف صحيح ، حرف علت ۽ سُر موجود آهن. سُرن کان سواءِ ٻولي ڳالهائي نٿي سگهجي، حرف صحيح 'مصوت' سڏيا ويندا آهن جيڪي اچارڻ لاءِ سُرن جا محتاج آهن. سُر مختلف قسمن جا آهن حرف صحيح پنهنجي ليکي اچارجي نٿا سگهجن حرف صحيح جي اچارڻ لاءِ ان ۾ سُر ملائي ڳالهايا ويندا آهن. مثال: 'ب' کي اچارڻ لاءِ ان ۾ 'ي' يا 'الف' ملائي اچاري سگهجي ٿو. اهڙي طرح ڪجهہ لفظ ٻنا سُرن جا اچار ملائي ڳالهايا ويندا آهن.مثال، ب، پ، ت، ٿ، ٺ، ج، ڄ ، ح، ه، ڪ، ق، ف، ي، تہ ڪي ٿي اچار مثال: 'ج' جيم هن اچار ۾ 'ج، ي، م،' ملائي اچاري سگهجي ٿو. اهڙي طرح 'ا، ل، م، غ، ع، ڪ، و، ن،' اهڙا اکر آهن جيڪي ٽن اچارن سان اچارجن ٿا.

سنڌيءَ ۾ عربي رسم الخط مان الفابيٽ ٺاهي ويئي آهي، جنهن ۾ سُرن لاءِ اعرابن جو نظام موجود آهي، پر سنڌيءَ جي صوتياتي سرشتي لاءِ ڪي اکر صرف ا، و، ن،ي، ذريعي اچاريا ويندا آهن، مثال مان، مون، ڪي، ليک، عام طور سان انهن اکرن کي حرف علت سمجهيو ويندو آهي پر اهي ساڳيا اکر حرف صحيح طور بہ ڪم اچن. مثال ، يڪو، نٽ، واڌو، وغيره، هتي، ي، و، ن حرف علت طور نہ پر حرف صحيح طور استعمال ڪيل آهن، سواءِ'الف' جي جنهن لاءِ لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ اهو وينجن طور ڪم نٿو اچي صرف سُر جي نمائيندگي ڪري ٿو، جيئن انگريزيءَ ۾ ' a, e, o ' صرف حرف علت طور ڪم اچن ٿا، پر ' I, u, y ' وينجن طور بہ ڪم اچن ٿا.

سُر يا حرف علت تي ڊاڪٽر الطاف جوکئي پنهنجي ڪتاب 'عربي، سنڌي صورتخطيءَ جون ترجيح صورتون' ۾ لکيو آهي تہ. "ڪجهہ حرف علت جا اچار لهجاتي فرق جي ڪري ڪي صورتخطي جون صورتون متاثي ويا آهن. جن ۾ 'مارئي يا مارئي'، 'اونداهي يا اونداهي'، 'هوا يا هئا' ۽ 'چئي يا چوي' وغيره. منهنجي خيال ۾ لهجاتي فرق نہ پر شهر ۾ اردو جي اثر هيٺ سنڌي جو نج پٽو ختم ٿيڻ جي ڪري اهو مسئلو پيدا ٿيو آهي، 'مارئي' لفظ جي سُر ۾ اُ+ ئي جو آواز غير سنڌي نہ اچارڻ ڪري 'وي' اچارين ٿا، جنهن ڪري 'مارئي' چون ٿا پر اصل ۾ مارئي آهي، بلڪل ائين 'چئي' اصل اچار آهي جنهن کي 'چوي' ڪري سنڌيءَ جي اصل سُرن مان جان ڇڏائي پئي وڃي . اهڙي طرح 'هوا' لفظ بہ اصل ۾ 'هئا' آهي ، سنڌي ٻوليءَ جا سُر جن کي سنڌ جي بزرگن تعليمي ماهرن حروف علت سڏيو آهي، اڳتي هلي لکن ٿا تہ ا، و، ي، ه، ۽ ن، پنج اکر سامهون اچن ٿا جيڪي صورتخطيءَ ۾ سُرن جي جڳهہ تي ڪم اچن ٿا ۽ پنهنجون صورتون متاثن ٿا."(6)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اها دعويٰ ڪئي هئي تہ "شايد سنڌي ۾ ڪنهن وقت ۾ حرف علت نہ هئا، تنهن ڪري ڪجهہ لفظ حرف علت کان بغير ڪان آهن، مثال ڳدڙ، نٽ، ڪڪڙ وغيره ، ڏنو وڃي تہ هنن اکرن ۾ سُر تہ موجود آهن پر حرف علت موجود ناهن، جنهن جي معنيٰ اها بہ ڪڍي سگهجي ٿي تہ سنڌيءَ ۾ لفظ حرف علت کان بغير لکي سگهجن ٿا پر سُرن کان بغير ڳالهائي نٿا سگهجن، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ چوي ٿو تہ عربيءَ جي رسم الخط مان سنڌيءَ ۾ حرف علت آيا، پر هڪ طرف پاڻ عربيءَ ۾ سنڌيءَ جا ڪجهہ لفظ لکي چون ٿا تہ سنڌيءَ ۾ حرف علت نہ هئا، ٻيو تہ وري عربيءَ جي ڪري سنڌيءَ ۾ حرف علت آيا، ڳالهہ ڪجهہ مبهم لڳي ٿي، جيڪڏهن سنڌيءَ جي ڪا اصلي رسم الخط لکي مثال ڏين ها تہ ڏسو هن ۾ حرف علت ناهن، وري عربيءَ ۾ رسم الخط لکي ثابت ڪن ها تہ ڏسو هن ۾ حرف علت موجود آهن تہ ڳالهہ چٽي ٿئي ها. (جڏهن تہ ديوناگريءَ ۾ ماترائون موجود آهن)

مثال: ڪڪڙ کي هن طرح ڇيد ڪري سگهجي ٿو، ڪ + اُ ، ڪ +اُ ، ڙ +اُ هتي اُ الف پيش اُکان سواءِ ڪڪڙ جو اچار نٿو اچاري سگهجي. پر سراج ميمڻ، هنن کي حرف علت ئي قرار ڏئي ٿو. جنهن جو مثال هن انگريزي ۾ لکي ڏنو آهي.

GIDDARU, KUKURU, NATHA وغيره هن ۾ انگريزيءَ جي لکڻ سان حرف علت موجود آهن.“[7]

ڏنو وڃي ته سنڌي صوتياتي سرشتي ۾ حرف علت جي اهميت آهي يا سُرن جي؟

اچو ته جائزو وٺون. جڏهن اسان ’مون‘ لفظ لکون ٿا ته هتي جيتوٽيڪ ’مِ‘ سان گڏ ’ءِ‘ جو اچار حرف علت طور آيو آهي وري ’ن‘ غنون استعمال ٿيو آهي. پر غور سان ڏسنداسين ته هتي لفظ جي شڪل هن ريت ٿيندي. م + اُون = مون - جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته سُرن جي وسيع نظام کي حرف علت ذريعي ۽ اعرابن ذريعي ظاهر ڪيو وڃي ٿو. لکت آوازن جو اهڃاڻ آهي. جيئن خود ٻولي اهڃاڻن جو مجموعو آهي تيئن لکت نشانين ذريعي علامتي ٻولي آهي. سوال اهو آهي ته حرف صحيح يعنيٰ وينجن الفابيٽ ۾ لکيا وڃن ٿا پر حرف علت الفابيٽ ۾ لکيا چو نٿا وڃن . سُرن لاءِ وري ڪجھ ويجنن جو سهارو ئي ورتو ويندو آهي. اصل ٻولي سُرن سان اچاري يا ڳالهائي وڃي ٿي.

حرف علت حرف يا اکر آهي جيڪو لکت ۾ سُر جي نمائندگي ڪري ٿو. پر پاڻ سُر ناهي. مثال ’ا‘، ’ءِ‘، ’ي‘، ’ن‘ اهي اکر آهن جن جي ذريعي آوازن کي لکيو وڃي ٿو.

هاڻي ڪجھ عالمن جو خيال آهي ته سُر ئي حرف علت آهن. سراج ميمڻ جي خيال ۾، ”هر ٻولي حرف صحيح ۽ حرف علت تي مبني آهي. سنڌيءَ جا ٻارنهن حرف علت آهن: اَ، اُ، اِ ، آ، اِي ، اي، اَي، او، اُو، اَو، آئو.“[8]

هاڻي حرف علت ۽ سُر ۾ فرق کي ڏسجي ته بنيادي طور سان سُر لکڻ لاءِ الف، و، نون ۽ ي کي اعرابن سان سُر ظاهر ڪجن ٿا. پر ، و ، ن ، ي حرف علت جي ڪم ۾ ضرور اچن ٿا پر اهي ساڳئي وقت وينجن بہ آهن. تنهن ڪري انهن اکرن جي استعمال وقت عربي صورتخطي مطابق حرف علت طور استعمال ڪيا وڃن ٿا. پر رومن ۾ جيڪڏهن سنڌي لکي وڃي ته اتي الف، و ، ن ، ي حرف علت طور ڪم نہ ايندا. بلڪ انگريزيءَ جا حرف علت ڪم ايندا.جيڪي سنڌي جي سُرن جي نمائيندگي ڪندا ، مثال الف جي نمائيندگي A ڪري ٿو پر جيڪڏهن ڏکھو سُر ۽ ڪليل سُر آهي ته ڊبل اي انهيءَ جي جڳھ تي لڳايو ويندو اهڙي طرح ’ءِ‘ جي نمائندگي انگريزي جو اکر ’o‘ ڪندو پر ڏگهي سُر لاءِ ڊبل او لڳايو ويندو. انهيءَ بحث مان ظاهر ٿئي ٿو ته حرف علت سنڌيءَ ۾ ڪهڙا هئا؟ اهڙي لکت موهن جي دڙي جي لکت جي ياچ ڪان پوءِ ئي خبر پئجي سگهي ٿي تہ اصل حرف علت ڪهڙا هئا. پر اهو چوڻ تہ سنڌيءَ ۾ حرف علت نہ هئا مبهم ڳالھ آهي.

باقي سراج ميمڻ جي چوڻ مطابق ٻارنهن سُر سنڌيءَ جا حرف علت هئا. تہ اها ڳالھ حرف علت ۽ سُرن کي منجهائي ٿي.

هاڻي انگريزيءَ ۾ بہ اهڙي طرح مختلف سُر موجود آهن ، انهن آوازن کي لکڻ جو ڪهڙو بہ طريقو هجي پر اهو علامتي ئي هوندو. بلڪل اهڙي طرح سڄي الفابيٽ علامتي آهي. مطلب اهو تہ ڪا بہ ٻولي ڳالهائڻ ۾ وينجن ۽ سُر لکت ۾ مختلف طرح سان ظاهر ڪيا وڃن ٿا. پر سُر کي لکڻ لاءِ جن علامتن کي ظاهر ڪيو وڃي ٿو انهن کي حرف علت چيو وڃي ٿو.

”حرف صحيح ۽ سُر گڏجي لفظ ٺاهين ٿا. جن جا مثال هن ريت آهن.

1. ت + اَ + تہ
2. ت + اون + تون
3. پ + اِ + ر +اين + پرين
4. ر + آ + ت + اِ + رات
5. م + آ + ر + ئ + اي + مارئي
6. و +اين + د + اين + ويندين
7. آ + ص+ ف + اُ = آصف

8. آ+ د +اَ +م +اُ =آدم

متين ڪجهه مثالن مان ظاهر ٿيو ته وينجڻ سُرن سان ملي لفظ ٺاهين ٿا. جو ته لکت ٻوليءَ جي علامت ته آهي پر هوبهو ٻولي ناهي. جو ته ٻولي جو تعلق آواز سان آهي انهيءَ ڪري سُر ۽ وينجن لکت ۾ کهڙي به علامت سان لکي سگهجن ٿا.

هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا آواز ٿي سگهن ٿا. اڄ تائين انهيءَ تي سيني اکرن جي ڪک پٽي ٺاهي وڃي مثال حرفن، وينجن ۽ سُرن جي ڪک پٽي ٺاهي وڃي ته ڪيترا آواز ٺهي سگهن ٿا . زير جي ڪک پٽي، زبر جي ڪک پٽي، پيش جي ڪک پٽي، حرف صحيح ۾ الف ملائي با، تا، جا وغيره جي ڪک پٽي، حرف صحيح ۾ 'ءِ' ملائڻ جي ڪک پٽي ، ڊگهن سُرن جي ڪک پٽي ، سوڙهن سُرن جي ڪک پٽي، ٻٽن سُرن جي ڪک پٽي، وغيره جيڪڏهن اهي سڀ آوازن سان الڳ الڳ حرف لکيا وڃن ته اندازن ساڍا پنج سئو جي لڳ ڀڳ آواز ٺهي پوندا."[9] وري انهن آوازن جي جوڙجڪ ڪري لفظ ٺاهيا وڃن ته سنڌيءَ جا هزارين لفظ ٺهي پوندا.

سراج ميمڻ جو چوڻ آهي ته، "سنڌي جي لفظن جو بنياد سندس ڌاتو آهن، مثال سُ، جَ، ار، گڙ، ٺر ، وغيره اهي ڌاتو قدرتي عنصرن مان ورتا ويا آهن. سنڌي ۾ لڳ ڀڳ 22 سئو ڌاتو ٿيندا."[10] سنڌيءَ ۾ ڪيترا اهڙا ڌاتو آهن جيڪي هڪ اکر سان معنيٰ ڀڏائين ٿا. مثال 'س' هڪ ڌاتو به آهي ته معنوي اکر به آهي، سڄاڻ، سپرين، اهڙي طرح انهن جو ضد وري 'ڪ' سان معنوي طور لفظ سان ملي ٿو، مثال ڪپرين، ڪوڙيون، ڪوويچ وغيره پر اهي اڳياڙين وارا اکر پنهنجي طور ڪا به معنيٰ نٿا رکن يعنيٰ آزاد الڳ طور صرفيا ناهن پر پابند يا جوڙيل صرفيا ضرور ٿي سگهندا آهن.

صرفيي جو بنياد وينجن ۽ سُر سان مليل معنوي صورت هئڻ ضروري آهي انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته هر ٻولي جا ڌاتو الڳ يا هڪٻئي کان مختلف ٿي سگهن ٿا پر سُر تقريبن ساڳيا هوندا آهن.

## نتيجو:

سُر لکت ۾ الفابيٽ ۾ آهن ئي ڪونه! ڪجهه وينجن حرف علت سڏجن ٿا، جيڪي سُرن جي نمائيندگي ڪن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ حرف علت جي ڳالهه ڪئي آهي، ته سنڌيءَ ۾ حرف علت نه هئا، پر ڪُڪڙ يا گدڙ جو مثال صرف عربي رسم الخط سان آهي، جنهن ۾ اعراب ذريعي سُرن کي ظاهر ڪيو ويو آهي، پر ائين نٿو چئي سگهجي ته اصل سنڌي ۾ لکت وقت سُرن جي نمائيندگي لاءِ ڪي اکر نه هئا. پر اهڙي ڪا لکت نه ملي آهي. موهن جي دڙي جي لکت بابت ڪجهه چئي نٿو سگهجي، جيڪا صرف نشانين ۾ آهي. تنهن ڪري اها ڳالهه مبهم آهي، پر ٻولي ڳالهائڻ لاءِ سُر لازمي آهن. تنهن ڪري حرف علت ۽ سُرن جو معاملو منجهائڻ نه گهرجي.

## حوالا


1. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ'، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، 1990ع، ص: 36.
2. https://search.yahoo.com/search;_ylt=Awr9.6Pq2HRpQ8gH6oBXNyoA;_ylc=X1MDMjc2NjY3OQRfcgMyBGZyA21jYWZlZQRmcjIDc2ItdG9wBGdwcmlkA0RXNWtrNXdYUmplbUtfdkhUVU9yTEEEbl9yc2x0AzAEbl9zdWdnAzAEb3JpZ2luA3NlYXJjaC55YWhvby5jb20EcG9zAzAEcHFzdHIDBHBxc3RybAMwBHFzdHJsAzE0BHF1ZXJ5A3doYXQlMjBpcyUyMHZvd2VsJTNGBHRfc3RtcAMxNzY5MjY1NDA2?p=what+is+vowel%3F&fr=mcafee&type=E210US91215G0&fr2=sb-top
3. ٻرڙو، محبت، ڊاڪٽر، 'ٻوليءَ جو ٻڻ'، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر، 2007ع، ص: 43.

4. ڪلهوڙو، دين محمد، ’ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جا ڳوليل ڪي نوان سُر/ آواز‘، سنڌي ٻولي ريسرچ جرنل 16/1، 2023ع، ص: 28.
5. جتوئي، علي نواز حاجن خان،’سنڌي ٻولي لسانيات‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ڇاپو ٽيون، 2018ع، ص: 52.
6. جوکيو، الطاف، ڊاڪٽر، ’عربي، سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 2017ع، ص: 14 ۽ 39.
7. سراج، ’سنڌي ٻولي‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ڇاپو ٽيون، 2017ع، ص: 83.
8. ساڳيو، ص: 82.
9. پنهيار، سڪندر، ’اسڪولي لسانيات‘، سنڌي ٻوليءَ جو باختيار ادارو، 2017ع، سبق 09 کان سبق 12 تائين.
10. سراج، ’سنڌي ٻولي‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ڇاپو ٽيون 2017ع، ص:54 .